روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) آچر 20 آگسٽ 2023 ع بمطابق 02 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 84

# پراڻين تڪبندين تي ڪرايل چونڊون غير آئيني هونديون: راڻا ثناءُالله

پيپلز پارٽي جو اعتراض اکين تي آهي پر آدمشماري جڏهن نوٽيفاءِ ٿي وڃي ته تڪ بنديون ان ئي حساب سان ٿينديون آهن

آئيني گهرج آهي ته 2018 کان پوءِ چونڊون نئين آدمشماري جي تحت ٿين. تڪبنديون آئيني گهرج آهي ان کي پورو ڪرڻ کان سواءِ چونڊون نٿيون ٿي سگهن

پيپلز پارٽي کي به ان ڳالهه جي خبر هجڻ گهرجي ها ، ڇا اسان اهو سمجهون ته پي پي کي آرٽيڪل 51 ڪلاز فائيو جي خبر نه هئي

آدمشماري کي اتفاق راءِ سان نوٽيفاءِ ڪيو ويو. 6 سالن کان آدمشماري جو معاملو هلي رهيو هو

سي سي آءِ ۾ پيپلز پارٽي موجود هئي، مان ان ڳالهه جو حامي هئس ته چونڊون 90 ڏينهن جي بجاءِ 60 ڏينهن ۾ ٿيڻ گهرجن

لاهور (م د) مسلم ليگ(ن) پنجاب جي صدر راڻا ثناءُالله چيو آهي ته چونڊون فيبروري ۾ ٿينديون جيڪڏهن پراڻين تڪبندين تي چونڊون ڪرايون ويون ته اهي غير آئيني هونديون. نجي ٽي وي جي پروگرام ۾ خيالن جو اظهار ڪندي اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو ته پيپلز پارٽي جو اعتراض اکين تي آهي پر آدمشماري جڏهن نوٽيفاءِ ٿي وڃي ته تڪ بنديون ان ئي حساب سان ٿينديون آهن. آئيني گهرج آهي ته 2018 کان پوءِ چونڊون نئين آدمشماري جي تحت ٿين. تڪبنديون آئينيگهرج آهي ان کي پورو ڪرڻ کان سواءِ چونڊون نٿيون ٿي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي کي به ان ڳالهه جي خبر هجڻ گهرجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# سنڌ جي 10 رڪني نگران ڪابينا جي ميمبرن حلف کڻي ورتو، کاتا سنڌن حوالي

سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري نگران ڪابينا جو حلف کڻي ورتو.نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر صوبائي وزيرن کي قلمدان ڏئي ڇڏيا

برگيڊيئر (ر) حارث نواز کي گهرو ۽ جيل ۽ يونس ڍاگا کي ناڻي، روينيو ۽ پي اينڊ ڊي واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو

ڊاڪٽر جنيد شاهه کي رانديون، ثقافت ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو : نوٽيفڪيشن جاري

راڻا حسين کي تعليم ۽ عورتن واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو آهي، عمر سومرو کي قانون واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو

ايشور لال کي آبپاشي، خدا بخش مري کي معدني وسيلن ۽ ارشد ولي محمد کي سياحت ۽ ماحوليات واري وزارت جو قلمدان ڏنو ويو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي 10 رڪني نگران ڪابينا جي ميمبرن عهدن جو حلف کڻي ورتو.سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري نگران ڪابينا جو حلف کڻي ورتو.نگران وڏي وزير سنڌ جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر صوبائي وزيرن کي قلمدان ڏئي ڇڏيا آهن. جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب برگيڊيئر (ر) حارث نواز کي گهرو ۽ جيل ۽ يونس ڍاگا کي ناڻي، روينيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: نئين صوبائي نگران ڪابينا جي ميمبرن کي گورنر ڪامران ٽيسوري حلف کڻائي رهيو آهي

## بجلي وڌيڪ مهانگي ڪرڻ جو منصوبو: صارفين کان 122 ارب روپيه وصول ڪرڻ جون تياريون

سرڪلر ڊيٽ ۾ به 392 ارب روپين جو اضافو ٿيندو جيڪو بجيٽ سبسڊي ذريعي گهٽ ڪيو ويندو

بجلي جي قيمت ۾ مذڪوره اضافو گذريل مالي سال جي چوٿين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ سبب ڪيو ويو

نيپرا اينڊڙ هفتي ٽيرف ۾ واڌ جي درخواست تي غور ڪندي، اضافو نيپرا جي فيصلي سان جڙيل هوندو : توانائي ڊويزن عهديدار

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نئون چيف سيڪريٽري سنڌ فخر عالم ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م د) حڪومت اينڊڙ ڇهن مهينن دوران صارفين کان اضافي 122 ارب روپيه وصول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

## عمر ايوب ڪور ڪميٽي بابت خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب پي ٽي آءِ ڪور ڪميٽي بابت ميڊيا جي خبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

## تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي گرفتار

شاهه محمود قريشي کي اسلام آباد ۾ سندس رهائشگاهه تان گرفتار ڪيو ويو : ذريعا

شاهه محمود قريشي کي وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي هيڊ ڪوارٽر منتقل ڪيو ويو

شاهه محمود قريشي کي سائفر جي معاملي تي گرفتار ڪيو ويو آهي

اسلام آباد( بيورو رپورٽ)پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي گرفتار ڪيو ويو آهي.پي ٽي آءِ جو چوڻ آهي ته شاهه محمود قريشي کي اسلام آباد ۾ سندس رهائشگاهه تان گرفتار ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته شاهه محمود قريشي کي وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي (فائيل فوٽو)

## عمران خان جي سزا خلاف اپيل ۽ آزاد ڪرڻ واري درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا خلاف اپيل 22 آگسٽ تي ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪئي وئي

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق محمود جهانگيري درخواستن تي ٻڌڻي ڪندا

پوليس جي ناقص جاچ ۽ بنا تياري جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو ڪيس 24 آگسٽ تي ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي سزا خلاف اپيل ۽ آزاد ڪرڻ واري درخواست ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار طرفان جاري ڪيل اينڊڙ هفتي جي ڪاز لسٽ موجب ٽرشڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

## رفعت مختار آءِ جي سنڌ مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

پراونشل پوليس آفيسر مقرر ڪيل رفعت مختار پنجاب ۾ خدمتون انجام ڏئي رهيو هو

آءِ جي پوليس جي عهدي تي خدمتون ڏيندڙ غلام نبي ميمڻ موڪلن تي عمري جي ادائيگي لاءِ ويل

غلام نبي ميمڻ کي نوان حڪم ملڻ تائين اسٽيبلشمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت پوليس سروس آف پاڪستان جي 21هين گريڊ جي آفيسر رفعت مختار کي انسپيڪٽر جنرل سنڌ مقرر ڪري ڇڏيو ۽ ان جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. پراونشل پوليس آفيسر مقرر ڪيل رفعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نئون آءِ جي رفعت مختار (فائيل فوٽو)

## جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جڙانوالا پهچي ويو، سانحي جي متاثرين سان ملاقات

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جڙانوالا ۾ ڪرسچن ڪالوني جو دورو ڪيو جتي هن سانحي ۾ متاثر ٿيل گهرن ۽ گرجا گهرن جي صورتحال جو جائزو ورتو

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جڙانوالا جي متاثرين سان به ملاقات ڪئي. سندس گهر واري به ساڻس گڏ هئي

واقعي کي 3 ڏينهن گذري ويا آهن پر متاثر ٿيل گهٽين کي صاف نه ڪيو ويو آهي : جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

اسلام آباد: جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جڙانوالا واقعي واري هنڌ متاثرين سان ڳالهائي رهيو آهي

فيصل آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي سينئر ترين جج ۽ نامزد چيف جسٽس پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جڙانوالا جي دوري تي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

## مراد علي شاهه جون ويندي ويندي نوازشون، سرڪاري ملازمن کي 7 پگهارون جاري

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ويندي ويندي سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

## سنڌ جي مختلف حصن ۾ برسات جي اڳڪٿي

نار بنگال ۾ هڪ ڪمزور شدت جو هوا جو گهٽ دٻاءُ موجود آهي : موسميات کاتو

هوا جو گهٽ دٻاءُ اينڊڙ ٻن ڏينهن دوران وچ ڀارت تائين اچي سگهي ٿو

ڪراچي (م د) سنڌ ۾ ڪمزور چوماسي هوائن جي واپسي سبب برسات جو امڪان آهي، موسمياتي ماهرن موجب نار بنگال ۾ هڪ ڪمزور شدت جو هوا جو گهٽ دٻاءُ موجود آهي، هوا جو گهٽ دٻاءُ اينڊڙ ٻن ڏينهن دوران وچ ڀارت تائين اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

## تحريڪ انصاف چيئرمين جو ڀائيٽيو حسان نيازي فوج حوالي

حسان نيازي کي لاهور منتقل ڪيو ويو ۽ ڪيس ملٽري تحويل ۾ ڏنو ويو آهي : پوليس

حسان نيازي تي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلڻ گهرجي

لاهور (م د) 9 مئي واقعن ۾ ملوث تحريڪ انصاف چيئرمين جي ڀائيٽيو حسان نيازي کي ايبٽ آباد کان لاهور منتقل ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

## عمران خان جي جيل وڃڻ کان پوءِ تحريڪ انصاف ۾ اختلاف جون خبرون سامهون اچڻ لڳيون

مرايوب ۽ شاهه محمود قريشي وچ ۾ عمران خان جي جانشين بنجڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن : ذريعا

ڪور ڪميٽي جي اجلاس دوران 2 گروپ آمهون سامهون اچي ويا آهن جنهن وچ ۾ سخت جملن جي به ڏي وٺ ٿي آهي

ڪور ڪميٽي جي تفصيلن ۽ رڪارڊنگ جي ٻاهر نڪرڻ تي پي ٽي آءِ اڳواڻن هڪ ٻئي کي غدار قرار ڏيندي الزامن جي برسات شروع ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي جيل وڃڻ کان پوءِ تحريڪ انصاف ۾ اختلافن جون خبرون سامهون اچڻ شروع ٿي ويون آهن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته عمر ايوب ۽ شاهه محمود قريشي وچ ۾ عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

## قوم مطمئن رهي چونڊون وقت تي ڪرايون وينديون: صادق سنجراڻي

ملڪ ۾ نگران حڪومتون اچي چڪيون آهن جمهوري سلسلو اڳيان وڌي رهيو آهي

صوبن جي دفاع لاءِ سينيٽ ڪر ڪندو رهندو، نگران وزيراعظم بلوچستان مان ئي چونڊ ٿيو آهي

ڪراچي (م د) سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي چيو آهي ته قوم مطمئن رهي چونڊون وقت تي ڪرايون وينديون، چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي مزار قائد تي حاضري بعد صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

## يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽي جو اڳهه اچا وڌي ويو ۽ 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1420 رپين جو ٿي ويو

يوٽيليٽي اسٽورن تي وزيراعظم رليف پيڪيج تحت سبسڊي ختم ڪرڻ جا اثر سامهون اچي ويا

يوٽيليٽي اسٽورز انتظاميه طرفان عام صارفين لاءِ اٽي جي نئين قيمت مقرر ڪئي وئي

هاڻ عام صارفين لاءِ 772 رپين ۾ ملندڙ 10 ڪلو اٽو 1420 رپين جو ٿي ويو

لاهور (م د) يوٽيليٽي اسٽورن تي اٽي جو اڳهه اچا وڌي ويو ۽ 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1420 رپين جو ٿي ويو آهي يوٽيليٽي اسٽورن تي وزيراعظم رليف پيڪيج تحت سبسڊي ختم ڪرڻ جا اثر سامهون اچي ويا. يوٽيليٽي اسٽورز انتظاميه طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## ڪراچي ۾ ڪٽڪ نٿي پڄي پر افغانستان پهچي ٿي وڃي: چيف جسٽس احمد علي شيخ

ڪراچي ۾ ڪٽڪ جي پوکي ناهي ٿيندي شهر ۾ ڪٽڪ ٻاهران ايندي آهي ان تي پابندي ڪيئن ٿي لڳائي سگهجي

ڪٽڪ جون ٽرڪون ڪراچي نه ٿيون پهچن پر افغانستان پهچي وڃن ٿيون ، ڪٽڪ ايندي ئي نه ته ظاهر آهي اٽو مهانگو ٿيندو

اسين سيني واسطيدارن کي گهرايون ٿا، هي ڪو عام ڪيس نه آهي پر سنگين مسئلو آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبي ۾ هڪ ضلعي کان ٻئي ضلعي ۾ ڪٽڪ موڪلڻ تي پابندي بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر فوڊ کي 21 آگسٽ تي طلب ڪري ورتو آهي. فلور ملز ايسو سيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

## پي ٽي آءِ چيئرمين چوندو هو” مان فوج خلاف انقلاب آڻڻ چاهيان ٿو“ : پرويز خٽڪ

پشاور( م د) پي ٽي آءِ پارليامينٽيرينز جي سربراهه پرويز خٽڪ چيو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين اسلام آباد ۾ ويهي سموري ملڪ کي هلائڻ چاهيندو ۽ هو چوندو ته هو فوج جي خلاف انقلاب آڻڻ چاهي ٿو.هڪ بيان ۾ پي ٽي آءِ پارليامينٽيرينز جي سربراهه پرويز خٽڪ چيو ته مون سان گڏ هن وقت 35 کان ڇاليهه اليڪٽ ايبلز آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: وفاقي وزير هيومن رائيٽس خليل جارج ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## تشدد وگهي فوت ٿيل نينگري فاطمه ڦرڙو جي قبرڪشائي

قبرڪشائي مڪمل ڪري لاش جا جزا ورتا ويا جنهن کان پوءِ نينگري جي ٻيهر تدفين ڪئي وئي

ميڊيڪل بورڊ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڪنڊيارو جي نگراني ۾ قبرڪشائي ڪري جزا ورتا ويا

لاش جا جزا فورينزڪ چڪاس لاءِ روهڙي ليبارٽري اماڻيا ويندا : ميڊيڪل بورڊ

رانيپور (رپورٽر) پنج ڏينهن اڳ پير اسد شاهه جي حويلي ۾ تشدد سبب قتل ٿيل ڏهه ورهين جي معصوم نينگري فاطمه ڦرڙو جي اڄ قبرڪشائي مڪمل ڪري لاش جا جزا ورتا ويا جنهن کان پوءِ نينگري جي ٻيهر تدفين ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

رانيپور: تشدد وگهي فوت ٿيل نينگري فاطمه ڦرڙو جي قبرڪشائي جو ڏيک. ٻئي پاسي نينگري جي حياتي جي تصوير

## خيبر: سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن ۾ مقابلو، ٻه دهشتگرد مارجي ويا

خيبر ( م د) باڙا جي علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسزسان چڪرين دوران ٻه دهشتگرد مارجي ويا.غيبي نيڪا نالي علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو ناڪابندي دوران دهشتگردن سان مقابلو ٿيو ذريعن موجب، ناڪابندي وقان گذرندڙ دهشتگردن سيڪيورٽي فورسز جي ناڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

## ايزي پيسا جي معاملي تان دڪاندار جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل 2 ڄڻا زخمي

راولپنڊي ۾ واڌو ڪنوتي تان دڪاندار ۽ گراهڪ ۾ منهن ماري ٿي پئي

دڪاندار فائرنگ ڪري گراهڪ کي ماري وڌو جڏهن ته سندس ٻه مائٽ زخمي ٿي پيا

راولپنڊي ( م د) ايزي پيسا جي ريٽيلرز وٽ وڌيڪ پيسا ڪٽڻ وارو بحث ڪنهن کان لڪيل نه آهي جيتوڻيڪ پيسا موڪلڻ جي ڪا في ٽڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## زرداري صاحب زبان جو پڪو ۽ ن ليگ لاءِ الارمنگ صورتحال آهي: جي ڊي اي اڳواڻ سائرا بانو

سياسي استحڪام لاءِ استحڪام پاڪستان کي وجود ۾ آندو ويو آهي

پي ڊي ايم 4 ورهين تائين اسان کي ٻڌايو ته جهانگير ترين اي ٽي ايم آهي

ڪراچي (م د) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سائرا بانو چيو آهي ته ڪچري مان بجلي ٺاهڻ ويندي آهي پر اسان پارٽي ٺاهي آهي.خانگي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي قومي اسيمبلي جي ميمبر سائرا بانو چيو ته سياسي استحڪام لاءِ استحڪام پاڪستان کي وجود ۾ آندو ويو آهي.سندس چوڻ هو ته پي ڊي ايم 4 ورهين تائين اسان کي ٻڌايو ته جهانگير ترين اي ٽي ايم آهي، اڄ هو اهي سڀ سٺا ٿي ويا، هاڻ عطا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

جي ڊي اي اڳواڻ سائرا بانو

## پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح وڌي وئي: 32 عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ

ڳاڙهيون مرچون 7.58 سيڪڙو، چانور 7.48 سيڪڙو، ٿوم 5.06 سيڪڙو، کنڊ 4.02 سيڪڙو مهانگا ٿيا

ٽماٽن جي قيمت ۾ 13.60 سيڪڙو، ڪاڃرو تيل 1.65 سيڪڙو، گيهه 0.85 سيڪڙو، جڏهن ته اٽي جي قيمت ۾ 0.19 سيڪڙو لاٿ ٿي

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ سالياني بنيادن تي مهانگائي جي شرح ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي جنهن کان پوءِ مهانگائي جي شرح 27.57 سيڪڙو تي وڃي آهي شماريات کاتي پاران ڪيل سروي جي نتيجن موجب پاڪستان ۾ 32 عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

## ڀارت ستلج درياءَ ۾ پاڻي ڇڏي ڏنو، ٻوڏ واري صورتحال، هزارين ماڻهن جي لڏپلاڻ، الرٽ جاري

گنڊا سنگهه واري هنڌ تي پاڻي جي سطح 23 فٽ تائين بلند ۽ وهڪرا 2 لک 78 هزار ڪيوسڪ تي پهچي ويا آهن : پي ڊي ايم اي

هيڊ سليمانڪي واري هنڌ تان 80 هزار ڪيوسڪ پاڻي جا وهڪرا گذري رهيا آهن

درياءَ جي ڀرپاسي ۾ 53 هزار کان وڌيڪ آبادي کي فوري طور تي لڏ پلاڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بهاولنگر( م د) ستلج درياءَ ۾ ڀارت طرفان پاڻي ڇڏڻ سبب ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جنهن کان پوءِ هزارين ماڻهن طرفان لڏ پلاڻ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته انتظاميه طرفان هاءِ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي.قدرتي آفتن کي منهن ڏيندڙ صوبائي اداري( پي ڊي ايم اي) پنجاب جي ترجمان چيو آهي ته ستلج ۾ هن وقت تمام وڏي ٻوڏ واري صورتحال آهي، گنڊا سنگهه واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

## سردار احمد ۽ برهان خان چانڊيو جا نالا اي سي ايل ۾ شامل ڪيا وڃن: ام رباب چانڊيو

اڳوڻو ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ملڪ مان فرار ٿي ويو آهي، خدشو آهي ته برهان خان چانڊيو به فرار ٿي ويندو

سردار احمد چانڊيو ٽيون ڀيرو به عدالت ۾ پيش ناهي ٿيو : عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون

اڳوڻي ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ سندس وڪيل عدالت ۾ پيش نه ٿيا جنهن سبب ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

دادو (رپورٽر) عدالت ام رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٻهرين سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي، اڳوڻي ايم پي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ام رباب چانڊيو انصاف لاءِ هٿ جوڙيندي

## ڀ ڀ حڪومت جي وڃڻ بعد سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جا آفيسر ڏچي ۾ پئجي ويا

ڊائريڪٽر جنرل، ڊائريڪٽر ڊيموليشن خلاف سخت حڪم جاري ڪري ڇڏيا

ڊائريڪٽر ڊيموليشن عبدالسجاد پنهنجون ذميواريون صحيح طرح نه نڀائي رهيو آهي : ڊي جي

ڪراچي (م د) ڀ ڀ جي حڪومت وڃڻ کانپوءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جا آفيسر ڏچي ۾ پئجي ويا.سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

## جڙانوالا ۾ چرچن جو مڪمل تحفظ ڪيو ويندو: آءِ جي پنجاب

گرجا گهرن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو : ڊاڪٽر عثمان انور

واپسيءَ جو سفر شروع ٿي ويو آهي، متاثر ماڻهو اڳي کان بهتر گهرن ڏانهن واپس ويندا

جڙانوالا(م د)آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور چيو آهي ته جڙانوالا ۾ گرجا گهرن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو ويندو، پنجاب پوليس جي سربراهه ڊاڪٽر عثمان انور جڙانوالا جو دورو ڪيو جتي هن متاثر ڪرسچن ڪالوني ۽ ٻين هنڌن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

## سيالڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميا پاران پي ٽي آءِ اڳواڻ عثمان ڊار جي گهر، فيڪٽري ۽ سيڪريٽريٽ سيل

ملڪيتون عدالتي حڪم تي سيل ڪيون ويون آهن : ضلعي انتظاميه

عثمان ڊار ۽ عمر ڊار دهشتگردي سميت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث آهن

سول جج قدسيه بانو جي حڪم تي ملڪيت سيل ڪري چوري جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن

سيالڪوٽ (م د)سيالڪوٽ ۾ ضلعي انتظاميا پي ٽي آءِ اڳواڻ عثمان ڊار جي گهر، فيڪٽري ۽ سيڪريٽريٽ سيل ڪري ڇڏيو ضلعي انتظاميا جو چوڻ آهي ته ملڪيتون عدالتي حڪم تي سيل ڪيون ويون آهن.انتظاميا جو چوڻ آهي ته عثمان ڊار ۽ عمر ڊار دهشتگردي سميت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث آهن.ضلعي انتظاميا جو چوڻ آهي ته سول جج قدسيه بانو جي حڪم تي ملڪيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## ڪراچي، شاپنگ سينٽر جي بيسمينٽ ۾ باهه

طارق روڊ تي مشهور شاپنگ سينٽر جي بيسمينٽ ۾ ڪپڙي جي دڪان ۾ باهه جو واقعو پيش آيو

باهه لڳڻ سبب شاپنگ مال دونهين سان ڀرجي ويو، جڏهن ته مال انتظاميا باهه تي ضابطو آندو

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي طارق روڊ تي شاپنگ سينٽر جي بيسمينٽ ۾ موجود دڪان ۾ باهه لڳي وئي، انتظاميا پنهنجي مدد سان باهه تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مريم نواز جي ضمانت رد ڪرڻ لاءِ نيب جي 4 سال پراڻي درخواست ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري ورتي

لاهور (م د) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مريم نواز جي ضمانت رد ڪرڻ لاءِ نيب جي 4 سال پراڻي درخواست ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري ورتي آهي. ناميارى صحافي امداد سومري جو چوڻ آهي ته هاڻي ڏسڻو آهي ته مريم نواز جيل ۾ ٿي وڃي يا لنڊن روانو ٿي وڃي ٿو ته درخواست تي 22 آگسٽ تي ٻڌڻي آهي.خبر نه آهي ته چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز احمد بگٽي سان سعودي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

## پي ٽي آءِ چيئرمين کي ٻيهر پرڏيهه موڪلڻ جي آڇ

حڪمت عمليءَ تي عملدرآمد لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي : ذريعا

پاڪستان تحريڪ انصاف به اينڊڙ قومي چونڊن ۾ حصو وٺندي

اسلام آباد( بيورو رپورٽ) باوثوق ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته اٽڪ جيل ۾ قيد پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين کي هڪ ڀيرو ٻيهر پرڏيهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

## اٽڪ جيل ۾ مڙس جي حياتي کي خطرو آهي: بشريٰ بي بي پنجاب جي گهرو سيڪريٽري کي خط لکي ڇڏيو

عدالت منهنجي مڙس کي اڊيالا جيل راولپنڊي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي

بنا ڪنهن جواز جي منهنجي مڙس کي اٽڪ جيل ۾ قيد ڪري رکيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي پنجاب جي گهرو سيڪريٽري کي خط لکي پنهنجي مڙس جي لاءِ 4 مطالبا ڪري ڇڏيا آهن.پنجاب جي گهرو سيڪريٽري نالي لکيل خط ۾ بشريٰ بي بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# لائقپور ۾ ايس ٽي پي پاران اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس ٽي پي پاران زوهيب مگسي، حضور بخش مگسي، مرتضيٰ مگسي، شيراز مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم اڌ ۾ رهيل آهي، اسڪول جو ڪم هلائيندڙ ٺيڪيدار رقمون کڻائي فرار ٿي ويو آهي : مظاهرين

جلد کان جلد اسڪول بلڊنگ جو ڪم مڪمل ڪرائي قوم جي معمارن جي تعليمي مستقبل کي بچايو وڃي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان لائقپور ۾ ايس ٽي پي پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ خلاف سوين ماڻهن جو احتجاجي ڌرڻو، ڏڙو، ٻڌون روڊ بند، نعريبازي، شاگردن، استادن ۽ شهرين جي وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

**جهوڪ شريف واسڻ ناري پاران**
**پاڻ مٿان گاسليٽ هاري باهه ڏيڻ**
**جي ڪوشش**

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) جهوڪ شريف واسڻ ناري زينب زال غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي ٻنائي سميت بلڙي شاهه ڪريم شهر جي شهيد بلو پنهور چوڪ تي پاڻ مٿان گاسليٽ هاري باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي شهرين ۽ صحافين کيس بچائي ورتو هن ميڊيا کي ٻڌايو ته مون تي منهنجو مڙس سيد غلام مصطفيٰ شاهه تشدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو: ايس ٽي پي پاران اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# نئون ديرو ۾ معصوم نينگر گهر ۾ پاڻيءَ جي ٽب ۾ ٻڏي فوت

3 ورهين جو معصوم رضوان گهر ۾ راند ڪيڏندي پاڻيءَ سان ڀريل ٽب ۾ منهن ڀر ڪري پيو

نينگر جو لاش گهر آندو ويو ته گهر ۾ دانهون پئجي ويون، علائقي ۾ سوڳ ڇانئجي ويو

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) نئون ديرو شهر جي غريب آباد پاڙي ۾ معصوم نينگر گهر ۾ راند ڪيڏندي پاڻيءَ جي ٽب ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو آهي. 3 ورهين جو معصوم رضوان پٽ رجب شيخ گهر ۾ راند ڪيڏندي پاڻيءَ سان ڀريل ٽب ۾ منهن ڀر ڪري پيو جنهن کي بيهوشيءَ واري حالت ۾ نئون ديرو اسپتال علاج لاءِ آندو ويو جتي پهچڻ کان اڳ ئي فوت ٿي چڪو هو اسپتال ۾ فوتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# دادو ۾ ام رباب ڪيس ٻڌڻي، جوابدار پيش نه ٿيا، هڪ سيپٽيمبر تائين ملتوي

اڳوڻو ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ سندس وڪيل پيش نه ٿيڻ سبب ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي

احمد چانڊيو ملڪ مان فرار ٿي ويو آهي، خدشو آهي ته برهان خان چانڊيو به پرڏيهه فرار ٿي ويندو: ام رباب چانڊيو

سردار پائر ڪيس مان ڀڄڻ چاهن ٿا عدالت کي اپيل آهي ته ڪيس هلائي انصاف فراهم ڪري عدالتن تي يقين آهي ته انصاف ملندو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ام رباب ڪيس ٻڌڻي 1 سيپٽيمبر تائين ملتوي، ام رباب چانڊيو جي ٽن گهر ڀاتين ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو، والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، اڳوڻو ايم پي اي سردار احمد چانڊيو ۽ سندس وڪيل پيش نه ٿيڻ سبب ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي، ام رباب چانڊيو ڪيس جي فريادي ۽ وڪيل سان گڏ عدالت پهتي، الزام هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

**جهنڊو مري ۾ اغوا ٿيل**
**پرياڪماري ۽ آديش ڪمار جي**
**بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو**

جهنڊو مري (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ مان ڪجهه سال پهرين اغوا ٿيل پرياڪماري ۽ آديش ڪمار جي واپسي لاءِ پيارو لنڊ پريس ڪلب تي سماجي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو اسان جي اقليت ڪميونٽي جي ماڻهن کي مارايو پيو وڃي معصوم ٻارڙن کي اغوا ڪيو پيو وڃي اسان جو تحفظ ڪيو وڃي سماجي اڳواڻ بابولال پرياڪماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: ام رباب صحافين سان ڳالهائيندي

# دادو ۾ بدامني تيز ٿي وئي، شهري دوڪاندار غير محفوظ، هر روز چورين ڦورن معمول بڻيل

پوليس بيوس بڻيل، هڪ ڏينهن ۾ 2 جون وارداتون، ڪوڪر برادري پاران ايس ايس پي موڙ تي ڌرڻو، نعريبازي

اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار ٽن هٿياربندن پاران رقم 70 هزار روڪ ۽ 50 هزار جا سگريٽ ڦري ڪري ويا

اڻڄاتل ڦورن هٿياربندن 50 هزار روڪ ۽ چانورن جا ڪٽا ڦري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا آهن : متاثر

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ بدامني تيز ٿي وئي شهري دوڪاندار غير محفوظ، هر روز چورين ڦورن معمول بڻيل پوليس بيوس بڻيل هڪ ڏينهن ۾ 2 جون وارداتون ڦرمتاثرين ڪوڪر برادري پاران ايس ايس پي موڙ تي ڌرڻو پوليس خلاف سخت نعري بازي ٿاڻو اي سيڪشن حد مڱسي موري لڳ دوڪاندار محمد جمن ولد موسيٰ ڪوڪر کان مبينا اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار ٽن هٿياربندن پاران رقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# دادو ۾ صحت کاتي جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب سوين ماڻهن جون زندگيون داءُ تي لڳي ويون

ضلعي ۾ ٻن هفتن دوران 1473 ماڻهن کي مليريا هجڻ جي تصديق، مليريا کان بچاءُ واريون ٽيبليٽ پريما ڪوئن 15 ڏينهن کان اڻلڀ

مليريا کاتي جو انچارج نياز جمالي هڪ هفتي کان آفيس نه پهتو، سندس ڪرسي خالي پيل، اسپتال ۾ ايندڙ متاثر مريض پاران دانهون

15 ڏينهن کان مليريا کان بچاءُ وارو دوز ناهي مليو صحت کاتي کي بار بار لکيو آهي صحت کاتو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي : رهواسي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) صحت کاتي جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب ضلعي دادو جي سوين ماڻهن جون زندگيون داءُ تي لڳي ويون، ضلعي ۾ ٻن هفتن دوران 1473 ماڻهن کي مليريا هجڻ جي تصديق، مليريا کان بچاءُ واريون ٽيبليٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

**مستي پرسان ڳوٺ شريف**
**ڪانڌڙو واسي نوجوان ناري**
**پاران احتجاج**

ٽنڊو مستي (رپورٽر) ٽنڊو مستي پرسان ڳوٺ شريف ڪانڌڙو واسي نوجوان ناري عزران خاتون ڪانڌڙو مڙس ڪامران علي سس زهران خاتون سهري روشن علي ڏير عمران علي ڪانڌڙو جي ظلمن کان تنگ ٿي ٽنڊو مستي پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ٻڌايو ته ٽي سال اڳ ڪامران علي سان منهنجي شادي ٿي هئي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ صحت کاتي جي مجرماڻي ڪوتاهي سبب سوين ماڻهن جون زندگيون داءُ تي لڳي ويون

# ٺٽي ضلعي اندر مليريا جي وبا خطرناڪ صورت اختيار ڪري ورتي

مليريا جا ڪيس وڌڻ باوجود اسپتالن ۾ ڪلوروڪوئين گوري سميت سمورين دوائون اڻلڀ

سول اسپتال ۾ روز 2 سئو ماڻهن مان 25 کان 30 مليريا جا ڪيس سامهون اچڻ لڳا

صحت کاتي سميت سمورن لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هن طرف توجهه ڏيڻ جي اپيل

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي اندر مليريا جي وبا خطرناڪ صورت اختيار ڪري ورتي، ٺٽي جي عوام سخت پريشان، هلندڙ موسم دوران ضلعي ۾ مليريا جا ڪيسز وڌڻ باوجود اسپتالن ۾ ڪلوروڪوئين گوري سميت سمورين دوائون اڻلڀ ٿي ويون، مريض پرائيويٽ اسٽورن تان دوائون خريدڻ تي مجبور ٿي پيا سول اسپتال ٺٽو ۾ روز 2 سئو ماڻهن مان 25 کان 30 مليريا جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# ڪوٽڙي محمد ڪبير جي آسپاس ۾ ڦٽين جا اگهه سرڪاري نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سيد شوڪت علي شاهه، رئيس روشن علي جروار، وڏيرو پرويز احمد لاشاري، وڏيرو عطا حسين سهتو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڪوٽڙي محمد ڪبير جي آس پاس فيڪٽري جي مالڪان جون ناجائزيون وڌي ويون آهن پر ڪير به پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

اسان ڊي سي کي پرزور اپيل ڪيون ٿا ته اسان کي سرڪاري ريٽ ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ فيڪٽرين جا گيٽ بند ڪنداسين

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ پرسان ڪوٽڙي محمد ڪبير جي آسپاس ۾ ڦٽين جا اگهه سرڪاري نه ملڻ ۽ مڻ تي پنج ڪلو ڪٽوتي ڪرڻ خلاف سيد شوڪت علي شاهه، رئيس روشن علي جروار، وڏيرو پرويز احمد لاشاري، وڏيرو عطا حسين سهتو جي اڳواڻي ۾ سوين آبادگارن ۽ هارين پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير تي پهچي سخت نعريبازي ڪئي ۽ احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

**جهنڊو مري ۾ اغوا ٿيل**
**پرياڪماري ۽ آديش ڪمار جي**
**بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو**

جهنڊو مري (رپورٽر) ملڪ ۾ هندو برادري کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڪنڌڪوٽ مان ڪجهه سال پهرين اغوا ٿيل پرياڪماري ۽ آديش ڪمار جي بازيابي لاءِ تعلقه پريس ڪلب جهنڊو مري تي سماجي ماڻهن ۽ معصوم ٻارن پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اسان مناراتي جي ماڻهن کي تحفظ ڏنو وڃي اغوا ۽ مارا ماري بند ڪئي وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ڦٽين جا اگهه سرڪاري نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# ميروخان ۾ جماعت اهل سنت حسيني پاران ساليانو "حسين ع زنده آباد ڪانفرنس" منعقد

منعقد ڪيل ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوانن نعت ۽ منقبت چئي محفل ۾ وجد طاري ڪري ڇڏيو

حضرت حسين عليه السلام دين اسلام خاطر پنهنجي ٻچن سميت قرباني ڏئي دين بچائي ويو : عالم

دين اسلام جي خدمت ڪندا رهواچ به يزيدي ڪردارن ۽ ظالمن طرفان مظلومن تي ظلم جاري آهي

ميروخان (رپورٽر) ميروخان ۾ جماعت اهل سنت حسيني پاران ساليانو "حسين ع زنده آباد ڪانفرنس" منعقد وڏي انگ ۾ شهرين جي شرڪت، مدرسه فيضان حسين عليه السلام گلشن جي طرفان حسيني ڪوناڻل ڪانفرنس ۾ 6 شاگردن کي قرآن شريف جو حفظ مڪمل ڪرڻ تي گلن جا هار پارايا ويا، جماعت اهل سنت حسيني پاران منعقد ڪيل ڪانفرنس ۾ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# نوشهروفيروز: معصوم نينگري فاطمه ڦرڙو جي قبر ڪشائي، جزا ورتا ويا

پوسٽ مارٽم دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا

فاطمه جي قبر پرسان عام ماڻهو يا ميڊيا کي اچڻ جي اجازت نه ڏني وئي هئي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پير حويلي ۾ فاطمه جي قتل ڪيس خانواهڻ ۾ فاطمه جي قبر ڪشائي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن فاطمه جي قبر جي احاطي کي خيمه سان ڍڪيو ويو تدفين دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

# اوباوڙو پرسان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش

موٽر سائيڪل سوار ارشاد ميراڻي گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي تعلقه هيڊ ڪوارٽر اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيو ويو

اوباوڙو (غلام علي رند) اوباوڙو پرسان ڪنيڙا ٿاڻي جي حد مريد شاخ سي پيڪ پل وٽان هٿياربندن جي موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي موٽر سائيڪل سوار ارشاد احمد ميراڻي گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو اوباوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# وارهه پرسان مسجد شريف تي قبضو مسجد جي جڳهه تي قبضو

ڳوٺ جي پيرسن شخص حاجي علي محمد بروهي کي آواز اٿارڻ تي ڌمڪيون

مسجد شريف کي قبضو ڪرڻ ڪڏهن به نه ڏينداس، نوٽيس ورتو وڃي : پيرسن

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه پرسان ڳوٺ ڪنب بروهي ۾ بااثر شخصن پاران مسجد شريف تي قبضو مسجد جي جڳهه تي اڏاوت ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

# سکر واسي نوجوان اسرار نموني گم ٿي ويو

13 سالن جو شهباز علي 13 آگسٽ کان پراسرار نموني گم، وارث پريشان

سندس مسلسل ڳولا باوجود ڪو به ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو : وارث

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي احمد نگر نيو پنڊ جو رهواسي 13 سالن جو شهباز علي ولد وزير احمد 13 آگسٽ مان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي، ان ڏس ۾ سندس وارثن جو چوڻ آهي ته شهباز گهر جي ڪم سان بازي ۾ ويل هيو جنهن کانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# ڏڙو جي هڪئي خاندان جي 8 گهرڀاتين هندو مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪري ورتو

شاهد پٽ بابو اسلامي نالو محمد شاهد، بابو پٽ عرس اسلامي محمد صديق ۽ ٻين اسلام قبول ڪيو

ڳنڍجاڻي دوران مسلمان بڻيلن ۾ راشن، ٿانءَ هنڌ بسترا ۽ ٻيو سامان تقسيم ڪيو ويو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو جي شڪاري قبيلي سان تعلق رکندڙ هڪئي خاندان جي اٺ گهرڀاتين هندو مذهب ڇڏي دائري اسلام ۾ شامل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

# سرحد پرسان نامعلوم چور ٻه پلوڙ مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا

پوليس جو رول زيرو، ڳوٺاڻن پاران پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويو

معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي : مظاهرين

سرحد رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پرسان جهاتپور شريف ٻيلي مان ڏينهن ڏٺي جو سينا زوري نامعلوم چور وزير احمد واگهوڙن ٻه پلوڙ مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا، پوليس جو رول زيرو، ڳوٺاڻن پاران سرحد پوليس خلاف احتجاج، مينهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# دادو پرسان چار ٻارن جي ماءُ پاران مڙس ۽ ڏيرن جي ظلم خلاف احتجاج

مڙس غلام رسول چانڊيو ۽ منهنجا ڏير منٺار، مدد خان، صديق جاني دشمن ٿي پيا آهن : عورت

عدالت ۾ خلع جي درخواست ڏني آهي جيڪا جلد ٻڌي مون کي عدالت مان طلاق ڏئي تحفظ ڏنو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ ڪمال پور جي رهواسي چار ٻارن جي ماءُ شبيرا مڙس ۽ ڏيرن جي ظلم خلاف صحافين اڳيان احتجاج ڪندي دانهيو ته منهنجو مڙس غلام رسول چانڊيو ۽ منهنجا ڏير منٺار، مدد خان، صديق جاني دشمن ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# دادو جو هڪ ٻيو نوجوان ڌاڙيلن جي ور چڙهي ويو، احتجاج

ڳوٺ مريد ٻيهر جو رهواسي جي وارثن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان غريب مسڪين آهيون اسان 40 لک ڪٿان آڻيون ؟ مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو جو هڪ ٻيو نوجوان ڌاڙيلن جي ور چڙهي ويو عورتاڻي آواز تي هرڪجي ويل نوجوان حنيف ٻيهر دادو ويجهو ڳوٺ مريد ٻيهر جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# سجاول جي بلڊنگز ۽ هاءِ وي کاتي ۾ ڪرپشن جي تحقيقات شروع

ڪامورن ترقياتي ڪمن جي رڪارڊ جي جاچ پڙتال ڪري رڪارڊ تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بلڊنگز ۽ هائي وي سجاول ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي : محمد علي ملڪاڻي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ بلڊنگ کاتي پاران روڊ جي تعمراتي ڪم جي مد ۾ ڪروڙين روپيه ڪرپشن ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، تفصيل موجب: سجاول ۾ بلڊنگ کاتي پاران پبلڪ پارڪ جي مين ڊبل روڊ جي تعمراتي ڪم جا چار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سجاول جي بلڊنگز ۽ هاءِ وي کاتي ۾ ڪرپشن جي تحقيقات شروع ٿي وئي

# ڪنڌڪوٽ ۾ اصغر ٿهيم جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ريشما، شهيد اصغر ٿهيم جي معصوم ٻارڙن فضلا، ظاهرا، محمد ايوب، اڪبر علي، انور علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

منهنجي پٽ ۽ اسان جي بابا کي قبلائي دهشتگردي ۾ بيگناهه ماريو ويو ۽ ان جا قاتل هن وقت تائين آزاد گهمندا ٿا وتن : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي منهنجي شهيد پٽ جا قاتل گرفتار ڪري انهن کي سزا ڏئي مون سان انصاف ڪيو وڃي

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) گهوٽڪي ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل اصغر ٿهيم جي ماءُ ۽ ان جي معصوم ٻارڙن جرڳلام پاڪ کڻي ڪنڌڪوٽ ۾ احتجاج خبر موجب هڪ مهينو اڳ قبلائي دهشتگردي ۾ قتل ٿيل اصغر ٿهيم جي قاتلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

**بشير منگي جهڙا ڪردار پنهنجي ڌرتي ۽**
**عوام خاطر جدوجهدن وسيلن پاڻ ملهائي**
**ويندا آهن : پروفيسر نذير وڏو**

سکر (بيورو رپورٽ) بشير منگي جهڙا ڪردار پنهنجي ڌرتي ۽ عوام خاطر جدوجهدن وسيلن پاڻ ملهائي ويندا آهن. هميشا هن هڪ غريب ڪٽنب سان واسطو هجڻ ڪري پنهنجن ماڻهن جي ڏکن مصيبتن ۽ مسئلن لاءِ لکيو. اهڙو اظهار نامياري اديب بشير منگي جي ساٿي ۽ تاريخدان ڏوهٽي خالد بروهيءَ سنڌي ادبي سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڌڪوٽ ۾ اصغر ٿهيم جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# محمد صلاح ڪلوڙ جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفري ڪردار تائين پهچايو وڃي : شفيق ڪلوڙ

ڌاڙيلن جي هٿان بيدرديءَ سان شهيد ٿيل محمد صلاح ڪلوڙ جي قتل جي سخت لفظن مذمت ڪريون ٿا

سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، ڦرلٽ، اغوا براءِ تاوان جي وارداتن ۾ ڪيترين ئي زندگين سواليا نشان بڻجي چڪيون آهن

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) شڪارپور جي ڳوٺ جهلي ڪلواڙي ۾ ڌاڙيلن جي هٿان بيدرديءَ سان شهيد ٿيل محمد صلاح ڪلوڙ جي قتل جي سخت لفظن مذمت ڪريون ٿا قاتلن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو ان سلسلي ۾ پاڪستان ڪلوڙ ويلفيئر ايسوسي ايشن جي مرڪزي صدر شفيق احمد ڪلوڙ، جنرل سيڪريٽري افضل عطا ڪلوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

# جهرڪ ۽ ڀرپاسي ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

رهواسين پاڻي جي فراهمي، بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

ڪافي عرصي کان شهر ۾ پاڻي ۽ بجلي ناهي، ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ سبب مليريا پکڙجي وئي آهي : مظاهرين

جهرڪ ۽ جهرڪ شهر سان لڳندڙ ڳوٺن جا شهري ڪافي عرصي کان بنيادي سهولتن کان محروم آهن، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ٺٽو (د ر) جهرڪ شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين ٺٽو - حيدرآباد قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيس جهرڪ شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ شهرين ۽ رهواسين پاڻي جي فراهمي، بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم نه ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو. شهرين جو چوڻ آهي ته ڪافي عرصي کان شهر ۾ پاڻي ۽ بجلي ناهي، ڳوٺن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

**ڪنڊيارو پرسان صوفي بزرگ**
**فقير مير محمد لوڙهائي جو**
**27 ساليانو عرس شروع**

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ويجهو صوفي بزرگ فقير مير محمد لوڙهائي جو 27 ساليانو عرس مبارڪ درگاهه لوڙهو شريف تي شروع ٿي ويو جڏهن ته عرس مبارڪ جو آغاز درگاهه لوڙهو شريف جي سجاده نشين فقير شهاب الدين لوڙهائي صاحبزاده فقير علي مرتضيٰ لوڙهائي عقيدتمندن سان گڏ درگاهه تي چادر چاڙهي ڪيو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# سرحد ۾ مغوي اهلڪار جي بازيابي لاءِ وارثن کي احتجاج ڪرڻ مهانگو پئجي ويو

ڪچو ٻنڌي واري علائقي مان پوليس اهلڪار خالد حسين ڪورائي کي اغوا ڪري ويا هئا

مغوي اهلڪار جي وارثن پاران سرحد پرسان قاضي واهه قومي شاهراهه تي روڊ بلاڪ ڪيو هو

عبدالمجيد، قطب، ارشاد علي، سڌير، ڪريم داد، جاويد، علي اصغر ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) مغوي اهلڪار جي بازيابي لاءِ وارثن کي احتجاج ڪرڻ مهانگو پئجي ويو سرحد ٿاڻي مظاهرين مٿان دهشتگردي جو يارهن ماڻهن مٿان ڪيس داخل، خبر موجب گهوٽڪي پوليس جتي ڏوهارين اڳيان بيوس بڻيل آهي اتي عام ماڻهن لاءِ مصيبت ڪجهه ڏينهن اڳ گهوٽڪي جي ڪچو ٻنڌي واري علائقي مان پوليس اهلڪار خالد حسين ڪورائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# صحافي جان محمد ڪيس جو هر رخ کان جائزو ورتو پيو وڃي : تنوير عالم اوڊو

واقعي واري هنڌ ۽ پوليس پيپرز جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي شاهدين جي بنيادن تي ڪيس کي اڳتي وڌايو ويندو

پوليس ريمانڊ ۾ موجود جوابدارن جي بيانن جو جائزو به ورتو پيو وڃي، وارثن کي سيڪيورٽي فراهم ڪئي پئي وڃي

هي هڪ هائي پروفائيل ڪيس آهي ڪوشش آهي ته ڪيس جو هر رخ کان جائزو وٺنداسين

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي جاچ ڪميٽي جي سربراهه ڊي آءِ جي تنوير عالم اوڊو سکر ايس ايس پي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ ڪيس جي فريادي ۽ گواهن سان ملاقات ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

**صوفي ڪنهن جي دل**
**۾ آزادي نه ڪندا آهن :**
**غلام حيدر شاهه**

جهنڊو مري (رپورٽر) جهنڊو مري پرسان سلطان آباد ۾ انجمن غلامان قلندر جي سرواڻ سيد غلام حيدر شاهه قلندري چيو آهي ته حقيقي صوفي ڪنهن جي دل ۾ آزادي نه ڪندا آهن. اسان کي ٻنهي جهانن جي سردار انساني فلسفي تي عمل ڪري ٻين جي ڏکن ۾ شريڪ ٿيڻ جي تلقين ڪئي آهي. دنيا مشڪل حالتن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: تنوير عالم اوڊو صحافين سان ڳالهائيندي

# ڪراچي ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو

احتجاجي ريلي ۾ صحافين سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

قتل ۾ ملوث جوابدارن سميت لڪيل هٿن کي ظاهر ڪري انهن کي جلد گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي : مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ باقي ساگر پهنوار) شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل واري واقعي ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ ڪراچي سجل ڳوٺ ۾ سنڌ صحافي اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي ريلي مظاهرو ڌرڻو قاتلن جي گرفتاريءَ سخت نعريبازي خبر موجب سکر جي سينيئر صحافي ڪاوش ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# سکر ۾ شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي جي زيراهتمام چيمپيئن شپ جو افتتاح

افتتاح مهمان خاص سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ مير محمد ڪلهوڙو ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس المهران ڪلچر سينٽر ۾ ڪري ڇڏيو

غلام مصطفي ڦلپوٽو، عبدالباري انصاري، چيمپئن شپ جي جي آرگنائيزر ڪميٽي جي سربراهه ماسٽر عبدالرزاق، عذرا جمال، ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ ٻيا موجود هئا

سوشل ميڊيا جي دور ۾ نوجوان موبائل گيمز ڏانهن متوجهه آهن جيڪي انهن جي جسماني صحت ۽ ذهني صلاحيتن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي جي زيراهتمام ٻن ڏينهن واري سکر اوپن جشن آزادي تائيڪوانڊو چيمپيئن شپ 2023 جو افتتاح مهمان خاص سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ مير محمد ڪلهوڙو ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس المهران ڪلچر سينٽر ۾ ڪري ڇڏيو. سکر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪراچي کان 60 کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر ۾ شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي جي زيراهتمام چيمپيئن شپ جو افتتاح ڪيو ويو

# خانواهڻ: معصوم نينگري فاطمه ڦرڙو جي قبر ڪشائي، جزا ورتا ويا

پوسٽ مارٽم دوران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا

فاطمه جي قبر پرسان عام ماڻهو يا ميڊيا کي اچڻ جي اجازت نه ڏني وئي هئي

خانواهڻ (رپورٽ عاجز امتياز نوح پوٽو) 5 پنج ڏينهن اڳ رانيپور جي پيرائي حويلي ۾ بدترين تشدد سبب فوت ٿي ويل خانواهڻ لڳ ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ 10 ورهين جي نينگري فاطمه ڌيءُ نديم علي ڦرڙو جي قبر ڪشائي سيشن ڪورٽ سرپوديرو جي جج جي حڪم تي ٿي گذري جنهن جي نگراني سول اينڊ جڊيشل مئجسٽريٽ ون ڪنڊيارو جميل احمد راڄپر ڪئي ميڊيڪل بورڊ جو چيئرمين بي ايم سي نوابشاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

***روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 20 آگسٽ 2023ع

# جڙانوالا واقعو: قانون تي عملداريءَ جي ضرورت

ملڪ ۾ موجود غيرمسلمن کي آئين پلي ڪيترو به تحفظ ڏيندو هجي پر عملي طوراهي غيرمحفوظ آهن. اهي سدائين ڪنهن نه ڪنهن جذباتي ميڙ جو شڪار ٿي ماريا ويندا آهن. انهن جون ملڪيتون ساڙيون وينديون آهن ۽ سندس عبادت گاهن کي ڊاهيو ويندو آهي. اهڙي ريت سڄي ملڪ ۾ ان نوعيت جا جڏهن واقعا ٿين ٿا ته ڏوهارين کي سزا ڪونه ملندي آهي. نتيجي ۾ ان اهڙا واقعا وري ٿيندا رهندا آهن. تازو پنجاب جي ضلعي فيصل آباد جي شهر جڙانوالا ۾ مسيحي برادريءَ سان جيڪو واقعو پيش آيو آهي، اهو پاڪستان لاءِ بدناميءَ جو سبب ضرور ٿيو آهي ۽ ان سان دنيا کي اهو پيغام پڻ ويو آهي ته هتي غيرمسلم آباديون ڪنهن به ريت محفوظ ڪونه آهن.

پنجاب جي ضلعي فيصل آباد جي شهر جڙانوالا ۾ توهين جي مبينا واقعي خلاف احتجاج ڪندڙ مڇريل ماڻهن ڪرسچن ڪالوني ۽ عيسيٰ نگريءَ ۾ عيسائي برادريءَ جي 4 گرجا گهرن، درجنين گهرن، گاڏين ۽ سامان کي ساڙي ڇڏيو. ڊپٽي ڪمشنر علي عنان قمر جو چوڻ آهي ته جڙانوالا ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي ضلعي ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي. شهر ۾ امن امان جي مڪمل بحالي ۽ صورتحال معمول تي اچڻ تائين قلم 144 لاڳو رهندو. عيسيٰ نگري ۾ سالويشن آرمي چرچ، يونائيٽيڊ پريس بيپٽسٽ چرچ ۽ شهرون والا چرچ ۾ پيچ ڊاهه ڪئي وئي. پوليس سيڪشن 295 (بي) ۽ 295 (سي) تحت ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي. ٻئي طرف نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اقليتن جي ملڪيتن تي حملن جي واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. نگران وزيراعظم واقعي جي مذمت ڪندي پنهنجي بيان ۾ چيو ته جڙانوالا سانحي جي منظرن حيران ڪري ڇڏيو آهي.

اقليتن کي نشانو بڻائيندڙ ۽ قانون هٿ ۾ کڻندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي به هدايتون جاري ڪيون آهن ته هو واقعي جي ذميوارن کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻين. پنهنجي هڪ بيان ۾ نگران وزيراعظم چيو ته يقين ڏياريان ٿو ته حڪومت سمورن پاڪستانين کي برابر جو تحفظ فراهم ڪندي. هوڏانهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصف علي زرداري، مريم نواز ۽ ٻين واقعي جي سخت مذمت ڪئي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وفاقي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري اقليتن جي ملڪيتن تي حملن جي مذمت ڪندي چيو آهي ته هن واقعي جو ڏاڍو افسوس ٿيو. پ پ چيئرمين مطالبو ڪيو ته انتظاميا اقليتن ۽ سندن عبادتگاهن جي تحفظ کي يقيني بڻائي. هن چيو ته عبادتگاهن جي تقدس جي پائمالي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. جڏهن ته مريم نواز چيو ته مذهبن ۽ عبادت گاهن تي حملا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهن.

ان قسم جون مذمتون سدائين ٿينديون رهنديون آهن. پاڪستان ۾ هر قسم جو قانون موجود آهي پر ان تي عمل ذرو به ناهي. جنهن جي نتيجي ۾ نه رڳو ميڙ گهٽين ۾ نڪري فيصلو ڪندو آهي پر اهو قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻي هر قسم جي ڀڃڪڙي ڪندو آهي. هاڻ حڪمرانن کي سوچڻو پوندو ته ڇا ان ماحول سان ملڪ کي پرامن رکي سگهجي ٿو. ڇا غيرمسلمن جو تحفظ ان حالت ۾ ممڪن آهي؟

# اڳوڻن حڪمرانن خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي!

الهه بخش راڻوڙ

هي ملڪ جي عدليا يا اڳوڻن حڪمرانن جي مخالف پارٽي پي ٽي آءِ جي خواهش ٿي سگهي ٿي ته شهباز شريف ۽ ان جي ڪابينا ۾ شامل ان وقت جي وزيرن جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. يا ان حوالي سان تياريون ڪيون پيون وڃن. جيڪڏهن ان نوعيت جي ڪا ڪارروائي شروع ٿئي ٿي ته ڇا موجوده هر خيال عدليا، ان نتيجي تي پهچي ويندي ته اهڙي ڪارروائي شروع ڪئي وڃي؟ ڇاڪاڻ ته موجود سپريم ڪورٽ جو اهو ڌڙو يا ان ۾ شامل ڪجهه ججن جي خواهش ٿي سگهي ٿي ته انهن جي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ چونڊن نه ڪرائڻ واري معاملي تي آخري وار ڪن. ڇاڪاڻ ته عمران خان اينڊ ڪمپني چونڊن ۾ به نه صرف جيل ۾ ٿي هوندو، پر چونڊ به وڙهي نه سگهندو. ساڳي انداز سان شهباز شريف سان گڏ ن ليگ جا ڪيترائي اڳواڻ ۽ پ پ ڪان وٺي جي يو آءِ ف تائين جا اڻ ڳڻيا اڳواڻ ان فيصلي جو شڪار ٿي وڃن. جيترو وقت موجوده چيف جسٽس وٽ آهي، ممڪن آهي ته هو اهڙو ايڊونچر نه ڪندو يا ڪري نه سگهندو، پر هر خيال ججن جي بينچ کي چونڊن نه ڪرائڻ واري معاملي تي ڪو فيصلو ڏيڻو ضروري آهي.

نيب ترميمن واري پي ٽي آءِ جي چيئرمين جي درخواست تي جيڪي شنوائيون ٿيون آهن، اهي ته ريڪارڊ آهن. شايد ايترو ڏگهو ڪيس ڪو هليو نه هجي. هنن سمورين ٻڌڻين دوران اڪثر ڪري پي ٽي آءِ جي وڪيلن کي دليل ڏيڻ جو موقعو مليو. هينئر توڙي جو ٻئي ڌر جو وڪيل مخدوم علي خان موجود آهي. پر ان سنجيدگي سان دليل نه ڏنا آهن. بينچ ۾ شامل ٽن مان هڪ جج، جسٽس منصور علي شاهه ته بينچ تي ئي اعتراض واريا آهن. ان جو چوڻ آهي ته هي ڪيس به فل ڪورٽ ٻڌي، ڇاڪاڻ ته جنهن قسم جي قانون سازي ٿي چڪي آهي. ان تحت موجوده چيف جسٽس کي اهڙي ڪيس ٻڌڻ جو اختيار ناهي. جسٽس منصور علي شاهه مطابق يا پريڪٽس اينڊ پروسيجر ڪيس، جنهن تحت عدالت جا سينئر جج فيصلو ڪندا ته بينچون ڪيئن قائم ٿينديون. ان بابت فيصلو ڏنو وڃي. جنهن تي موجوده چيف جسٽس عمر عطا بنديال انتهائي روٺڻهارڪي انداز ۾ چيو ته ڪيس مجبور نه ڪيو وڃي هوائين ڪري نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته هن جي عهدي جي مدي ۾ ٿورو وقت آهي.

جيڪڏهن هن نيب ترميمن جي حوالي سان ڪيس جو فيصلو نه ڏنو ته سموري حياتي هن کي شرمساري ٿيندي. وقت نه هجڻ جي باوجود هو، اڳوڻي وزير اعظم شهباز شريف ۽ وفاقي ڪابينا ۾ شامل وزيرن جي خلاف ڪا ڪارروائي ڪري. ان لاءِ هو ڪٿان وقت آڻيندو؟ يا وري هو هاڻ ان پوزيشن ۾ ڪٿي آهي. جيئن ماضي ۾ عمران خان کي ريليف ڏيندو رهيو آهي. هن عمران خان لاءِ ڀهريون ڀيرو گرفتاري ڪانپوءِ جيڪي جملا ورجايا، اهي هينئر به چيف جسٽس خلاف پڙاڏو بڻجي ٻاڪاري رهيا آهن. انڪري هو نٿو چاهي ته پنهنجي عهدي جي آخري ڏينهن ۾ ڪو ٻيو اهڙو فيصلو ڏئي جنهن سان مستقبل ۾ هن جو نالو احترام سان نه ورتو وڃي.
مستقبل قريب ۾ جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، ان حوالي سان اعليٰ عدليا کي به پنهنجو حصو ادا ڪرڻو آهي. نئين چيف جسٽس جي اچڻ سان کهڙيون تبديليون اينديون ان جو سڀني کي انتظار آهي. جيستائين، هي خبر ته اڳوڻن حڪمرانن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي ويندي ته ان سان نئون پنڊورا باڪس کلي ويندو. اڳوڻن حڪمرانن ڪافي عرصي کان هي چوڻ شروع ڪيو آهي ته وفاقي ڪابينا، چونڊن جي حوالي سان ڪوبه فيصلو نه ڪيو هو. هي فيصلو ته پارليامينٽ ڪيو ته ملڪ جي ٻن صوبن ۾ چونڊون نٿيون ٿي سگهن. ڇا پارليامينٽ جي سمورن ميمبرن کي توهين عدالت جو نوٽيس ملندو؟ ان حوالي سان اهم اداري ڪان به عملو گهريو ويو هو. ڇا اعليٰ عدليا انهن کي به توهين عدالت جو نوٽيس ڏيندي؟ هي اهڙيون ڳالهيون آهن. جن کي ٻيهر ورجائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته اها ڪنهن مهم جوئي کان گهٽ نه هوندي. ان جا اڳرا نتيجا به سامهون ايندا. هي قيمت عدليا به ادا ڪري نه سگهندي. انڪري شايد پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ چونڊن ڪرائڻ واري معاملي تي اهڙو فيصلو اچي. جنهن جو ڪنهن تي اثر نه پئي. يا وري هي به ٿي سگهي ٿو ته معاملي کي سردخاني حوالي ڪيو وڃي. موجوده نگران سيٽ اپ به ڪو ايترو بااختيار ناهي. جيڪو عدليا جي سمورن فيصلن تي عمل ڪرائي سگهي. نين چونڊن جي حوالي سان اليڪشن ڪميشن ڀهريان ئي واضح ڪري چڪي آهي ته فيبروري، مارچ تائين نيون چونڊون ممڪن ناهن. هي معاملو نين ٽڪبندين سبب ڊيگهه اختيار ڪري سگهي ٿو. پر ان ڪانپوءِ ڪيترائي آئيني فيصلا ڪرڻا آهن. جن لاءِ پارليامينٽ جو هجڻ ضروري آهي. مثال طور سينيٽ ۾ اڌ ميمبر رٽائرڊ ٿي ويندا. هن ايوان کي ڪنهن به صورت ۾ خالي ڇڏي نٿو سگهجي. ان لاءِ پارليامينٽ جو هجڻ ضروري آهي. نئين صدر جي چونڊ ڪرائڻي آهي. جنهن لاءِ اليڪٽورل ڪاليج جو مڪمل هجڻ ضروري آهي. ان سان گڏ ٻيا به اهم فيصلا ڪرڻا آهن. جيڪڏهن ڪنهن به اداري غير نصابي سرگرميون ڪيون ته سمورو نظام پٽڙي تان لهي سگهي ٿو ڪي حلقا هي خواهش به ظاهر ڪن ٿا ته ممڪن آهي ته مختصر مدي لاءِ ڪو غيرجمهوري ۽ نان سويلين راڄ قائم ڪيو وڃي. پر ان جو دارومدار اهم ادارن جي فيصلن تي هوندو. هي سمورا ادارا تنگ آهن. هو سمجهن ٿا ته جيترو جلد ٿئي، سويلين حڪومت اقتدار ۾ اچي ته جيئن اهائي سمورا قدم ڪئي ۽ ان جي ڪاتي ۾ ڳڻ ۽ اوڳڻ لکيا وڃن. گهٽ ۾ گهٽ عمران خان جو ته پڪو بندوبست ٿيل آهي. اهو پوٽا به سو ڪان وڌيڪ ڪيسن ۾ سوگهو آهي. جيڪڏهن ان جون ضمانتون ٿي به وڃن، ان جي باوجود هو جيلن جي سيخن پٺيان ئي رهندو. جيڪڏهن ڪو به ادارو عمران خان کي ڪو ريليف ڏئي نٿو سگهي ته پوءِ جيڪو نئون سيٽ اپ اچڻو آهي، ان جو ڪو به گس بند ڪري نٿو سگهي. هينئر اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله جو بيان ريڪارڊ تي موجود آهي. جنهن ۾ هن انڪشاف ڪيو ته نواز شريف جي ڊيهه واپسي جي ڪين ضمانت ملي چڪي آهي. اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف به چيو ته ايندڙ سيٽ اپ ۾ جيڪڏهن ڪين اڪثريت ملي ته وزير اعظم، نواز شريف ئي هوندو. نگران سيٽ اپ به اڳوڻي اتحادي حڪومت جي خواهش مطابق قائم ٿيو آهي. ان مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن مائنس عمران خان سيٽ اپ هوندو، ته پوءِ حڪمراني جون واڳون ڪنهن جي هٿ وس هونديون؟ انڪري هاڻ انهن سازشي ٿيوريز ۾ ايترو دم نظر نٿو اچي ته شهباز شريف ۽ ان جي ڪابينا ۾ شامل وزيرن جي خلاف ڪا وڏي ڪارروائي ٿيڻ واري آهي. هينئر به اڳوٽا حڪمران ۽ واڳ ڌڻي ساڳي پيج تي نظر اچن پيا. ان مان سمجهي سگهجي ٿو ته مستقبل کهڙي ڊر جو هوندو؟ انڪري ڏسڻو هي آهي ته اڳتي ڇا ٿو ٿئي؟

ڪوڻُ قَرِيبَنَ جو، عينَ تَڙُ آهِ؛
اِيَ اُلَٽي ڳالهڙي، سِڪَ وَرَندِي ساهِ؛
آسَرَ هَڏِمَ لاهِ، ڇِنَڻُ ڳَنڍَڻُ اُنِ جو.

# عيسائي عبادتگاهن تي حملا؟

افضال ريحان

